# شانِ امیرِ حمزہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

19-May-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

19 مئي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شانِ اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... بيڪسن جي مدد ۽ دستگيري

✿...حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان محبت جو حڪم

✿...اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جا 2 اعليٰ اوصاف

✿...شهيدن جا فضائل

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِیَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(ترجمو: مون سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت عَبۡدُالرَّحمٰن بن عَوف رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن نبين جا سردار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهران ٻاهر نڪتا ۽ هڪ باغ ڏانهن رُخ ڪيائون، حضرت عَبۡدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ ڏسي سندن پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم باغ ۾ داخِل ٿيا، قبلي ڏانهن منهن ڪيو ۽ مٿو سجدي ۾ رکيائون، حضرت عَبۡدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ پري بيهي ڏسندا رهيا، فرمائن ٿا: بيڪسن جي مددگار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ڊگهو سجدو ڪيو، ايستائين جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي سجدي ئي جي حالت ۾ الله پاڪ رُوح مُبارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي، اهو خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس، منهنجي قدمن جو آواز ٻڌي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم مٿو مُبارَڪ کڻي پڇيو: ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: حُضُور! عَبۡدُالرَّحمٰن. فرمايائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان ايترو ڊگهو سجدو ڪيو، مون کي خوف ٿيڻ لڳو ته ڪٿي الله پاڪ سجدي ئي ۾ رُوح مُبارَڪ قبض نه ڪري ورتو هجي.

سچي عاشق جي محبت ڀري ڳالهه ٻڌي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڊگهي سجدي جي حڪمت بيان ڪندي فرمايو: مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام حاضِر ٿي ٻڌايو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم!

الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو اوهان تي درود پڙهندو، مان ان تي رحمتون نازِل ڪندس، جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي موڪليندس. ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايترو ڊگهو سجدو ڪيو.[1]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! ◈ دُرود ڪنهن کي پڙهڻو آهي؟ امّتيءَ کي ◈ رحمت ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ امّتيءَ تي ◈سلام ڪنهن کي موڪلڻو آهي؟ امّتيءَ کي ◈ الله ڪريم جي سلامتي ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ امّتيءَ تي ◈ شڪر جو سجدو ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ امّت جي غم ۾ رهڻ وارا، شفاعت فرمائڻ وارا، امّت کي بخشائڻ وارا، جنّت ۾ پهچائڻ وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ...! سُبۡحان الله! اندازو ڪيو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي امّت سان ڪيترو پيار آهي. الله! الله! امّت گناهه ڪري، آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راتيون روئي، روئي ڪري گذارين، امّت کي نعمت ملي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شڪر جا سجدا ڪن. اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

ہے ترکِ ادب ! ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو | تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبت [2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

وضاحت: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! توهان کي پنهنجن غلامن سان ايڏي محبّت آهي، اهو ادب ناهي نه ته اسان چئون توهان پنهنجن غلامن تي فِدا آهيو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...مسندِ اَحۡمَد، جلد:1، صفحہ:191، حديث:1664۔

[2]...ذوق نعت، ص211 ۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي نيت ماڻهو کي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثلاً نيت ڪيو: ◈ رِضَاءِ اِلٰهي جي لاءِ بيان ٻُڌندس ◈ عِلمِ دين سکندس ◈ پورو بيان ٻُڌندس ◈ ادب سان ويهندس ◈ نصيحت حاصِل ڪندس ◈ اَحمَدِ مُجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ٻڌي درودِ پاڪ پڙهندس.

## بيڪسن جي مدد ۽ دستگيري

عظيم عاشقِ رسول حضرت علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: هڪ ڀيري سخت ڏڪارپيو، انهيءَ ڏڪار واري سال ۾ حج جا ڏهاڙا بہ آيا. (الحمد لله! ڏڪار هوندي بہ عاشقانِ رسول حج جي لاءِ پهتا)، حضرت شيخ احمد بن محمد دِمياطي مصري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جن بہ مصر مان بہ اُٺَ خريد ڪيا ۽ پنهنجي امڙ کي گڏ وٺي حج جي لاءِ مڪہ مکرمہ حاضر ٿيا، حج جي اَدائيگي کان پوءِ سرڪارِ اعظم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاهہ ۾ سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ مديني پاڪ حاضري ٿيا، هتي اچي ڪري سندن اٺَ مري ويا، انهن جو خرچ بہ ختم ٿي ويو لهٰذا تمام گهڻي پريشاني ٿي تہ اٺَ مري ويا آهن، واپسيءَ جو ڪرايو بہ ناهي، هاڻي گهر ڪيئن ويندا سين؟ انهيءَ پريشانيءَ جي عالَم ۾ شيخ احمد دِمّياطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ شيخ صفيُ الدّين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سڄي صورتِ حال سان آگاهہ ڪيائون شيخ صفيُ الدّين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جن فرمايو: توهان رسولِ اڪرم، نورِ مجّسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري چاچا سائين حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مزارِ پُر انوار تي حاضري ڏيو، اُتي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪيو ۽ پنهنجي پريشاني عرض ڪريو! شيخ احمد دِمّياطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جن

[1]...بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

ان نصيحت تي عمل ڪيو ۽ اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مزارِ پُرانوار تي حاضر ٿيا، اتي قرآنِ مجيد جي تلاوت ڪيائون، پوءِ اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي خدمت ۾ پنهنجي پريشاني عرض ڪيائون. اُتي حاضر ٿي ڪري جڏهن پاڻ واپس پنهنجي رهائش تي پهتا ته امڙ سائڻ چيو: پُٽَ! هڪ شخص توهان جو پڇي رهيو هو. هي ٻڌي ڪري شيخ احمد دِمياطي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضر ٿيا، ڏٺائون: هڪ رعبدار ۽ اڇي ڏاڙهيءَ واري شخصيت آهي، انهن ڏسندي ئي فرمايو: شيخ احمد ! مرحبا...!! شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون جلد ئي اڳتي وڌي ڪري ان جا هٿ چُميا. انهن فرمايو: احمد! توهان مصر هليا وڃو! عرض ڪيائون: عالي جاهؐ! ڪيئن وڃان؟ مون وٽ نه ڪرايو به ناهي ۽ اُٺَ به مري ويا آهن. اهي بزرگ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي گڏ وٺي ڪري مصري حاجين جي هڪ خيمي ۾ ويا ۽ هڪ شخص کي اُنن جو ڪرايو ڏئي ڪري فرمايائون: توهان شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ۽ سندن امڙ سائڻ کي مصر پهچايو. ان مصري حاجيءَ به ان بزرگ جي تمام گهڻي عزّت ڪئي، هاڻي شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جلد ئي پنهنجو سامان تيار ڪيو، امڙ سائڻ کي ساڻ ورتائون ۽ مصري حاجين جي خيمي ۾ پهچي ويا، ان وقت تائين اهي نيڪ بزرگ اتي ئي تشريف فرما هئا، هاڻي نماز جو وقت هو، شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ان بزرگ سان گڏ مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضر ٿيا، بزرگ فرمايو: احمد! توهان وڃي ڪري نماز ادا ڪيو! شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ مسجد ۾ پهتا، نمازادا ڪئي، انتظار ۾ هئا ته نيڪ بزرگ به اچڻ وارا ئي هوندا پر اهي تشريف ڪٿي نه آيا، شيخ احمد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون انهن کي تمام گهڻو تلاش ڪيو پر ڪٿي به نه مليا. آخرڪار شيخ صفيُ الدّين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾حاضر ٿيس ۽ سڄو واقعو عرض ڪيُم. شيخ صفيُ الدّين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جن ان بزرگ جي حُليي شريف جي باري ۾ ٻڌي ڪري فرمايائون: اهي نيڪ بزرگ ڪي ٻيا نه بلڪ رسولِ اکرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا چاچا سائين حضرتِ اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ئي هئا جيڪي توهان جي پريشاني ختم ڪرڻ جي لاءِ

تشريف ڪٽي آيا هئا.[1]

سرکار کے ہیں دِلبر آقا امیرِ حمزہ! | ہیں مُحِبِّ حَبِیبِ داوَر آقا امیرِ حمزہ!
بھرتے ہیں سب کا دامن اللہ کی عطا سے | آجائے جو بھی در پر آقا امیرِ حمزہ!
بھر دیجئے مری جھولی، صدقے میں مصطفےٰ کے | آیا ہوں تیرے در پر آقا امیرِ حمزہ!
طیبہ میں مَیں بھی آؤں، اب دیجئے اجازت | اے میرے غریب پرور آقا امیرِ حمزہ!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شهيد زنده هوندا آهن

اي عاشقانِ رسول! ڏنو توهان! حضرتِ اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جن پنهنجي ظاهري وصال جي صدين کان بعد هڪ پريشان حال جي ڪيئن مدد فرمائي...! سُبۡحانَ الله! تئي سگهي ٿو شيطان دل ۾ وسوسو وجهي ته ڪو شخص دنيا مان رخصت ٿي وڃڻ کان بعد دنيا وارن جي مدد ڪرڻ ڪيئن اچي سگهي ٿو؟ ان سلسلي ۾ عرض آهي ته قرآنِ ڪريم جي ڪيئي آيتن ۽ ڪوڙ حديثن جي روشنيءَ ۾ هي ڳالهه ثابت آهي ته انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡهِم الله پاڪ جي عطا سان پنهنجن پنهنجن مزارن ۾ زنده هوندا آهن، پنهنجن غلامن جي فرياد ٻڌندا به آهن ۽ انهن جي مدد به فرمائيندا آهن ۽ حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي زنده هئڻ تي ته خاص طور قرآنِ ڪريم ۾ بيان آهي. جي ها! حضرتِ اميرِحمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ غزوهءِ اُحُد ۾ شهيد ٿيا ۽ غزوهءِ اُحُد ۾ شهيد ٿيڻ وارن جي متعلق الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

[1] جامع کرامات اولیا، جلد:1، صفحہ:108 خلاصۃً۔

وَ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ﴿١٦٩﴾

(سيپارو:4 سوره آل عمران: 169)

ترجمو کنزالعرفان: ۽ جيڪي الله جي راهه ۾ شهيد ڪيا ويا هرگز انهن کي مئل خيال نہ ڪجو بلڪ اهي پنهنجي ربّ وٽ زنده آهن، انهن کي رزق ڏنو ويندو آهي.

سرداری تمہیں حاصل ہے سارے شہیدوں کی
یوں حق کی حفاظت میں کی جان فدا حمزہ
خُورشیدِ نبوت سے آئی ہے چمک تجھ میں
مدھم نہ کبھی ہو گا اب تیرا دِیا حمزہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت امیرِ حمزہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرتِ امیرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا پيارا چاچا آهن، پاڻ پياري نبي، رسولِ هاشمي جي ولادتِ باسعادت کان 2 سال پهريان دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا 4 مشهور لقبَ آهن: (1): اَسَدُ الله (الله جو شير) (2): اَسَدُ الرَّسول (رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جوشير) (3): فَاعِلُ الْخَيْرات (تمام ڀلائيءَ جو ڪم ڪرڻ وارو) ۽ (4): سَيِّدُ الشُّهَدَاء.[1]

## حضرتِ امیرِ حمزہ سان محبت جو حڪم

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ ( سيپارو: 25، سوره شوريٰ:23 )

**ترجمو کنزالعرفان:** مان ان تي توهان کان ڪو معاوضو نٿو گهران سواءِ قرابت جي محبت جي.

[1] شرح زرقاني مواهب الدنيہ، جلد:4، صفحہ:470، اُسد الغابۃ، جلد:2، صفحہ:67۔

هن آيت ڪريمه ۾ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قرابت دارن سان محبت جو حڪم ڏنو ويو آهي. حضرت اميرِ حمزه بہ سرورِ دوعالم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا قرابت دار آهن بلڪ حضرت اميرِ حمزه تہ ڪيئي جهتن سان رسولِ اڪرم، نورِ مجسم جا قرابت دار آهن: (1) پاڻ رسولِ ڪريم، رؤُف رحيم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا چاچا جان آهن (2) حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي والده مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي امڙ سيّده آمنہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پاڻ ۾ سئوٽ آهن، ايئن حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا ماسات ٿيا (3): حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا رَضَاعي ڀائر بہ آهن جو حضرت ثُوَيۡبہ ۽ حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما جيڪي رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون رَضاعي (کير پيارينديون) مائرون آهن، حضرت اميرِ حمزه جن بہ انهن ٻنهي جو کير نوش فرمايو آهي[1]. ايئن حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سرورِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا 3 جهتن سان رشتيدار آهن، لهٰذا سندن سان محبت ڪرڻ بہ هر مسلمان تي لازم و ضروري آهي.

کیا پوچھتے ہو کیا ہیں حضرت امیرِ حمزہ | حیرت کی انتہا ہیں حضرت امیرِ حمزہ
اللہ رے یہ نسبت، اللہ رے یہ عظمت | سرکار کے چچا ہیں حضرت امیرِ حمزہ

## اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو

حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي شڪار ڪرڻ جو شوق هو، هڪ ڀيري پاڻ شڪار ڪرڻ جي لاءِ جهنگل ويل هئا، ان ڏينهن ابوجهل رسولِ بيمثال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي گستاخي ڪئي ۽ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان تمام گهڻو نامناسب سلوڪ ڪيو، حضرت اميرِ حمزه شڪار تان واپس آيا تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي ان ڳالهہ جي خبر ڏني وئي، پاڻ اِهو ٻڌندي ئي ڪاوڙ ۾ اچي ويا، انهيءَ حالت ۾ ابوجهل وٽ پهتا ۽ ان کي مارڻ شروع ڪري ڏنائون، ابوجهل پنهنجي

---

[1] اُسد الغابۃ، جلد:2، صفحہ:67۔

صفائي ڏيندي چيو: اي حمزه! ڇا تون ڏسين نٿو تہ محمد (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڪهڙو دين آندو آهي؟ اهي اسان جي معبودن کي بُرو چون ٿا ۽ اسان جي ابن ڏاڏن کي بد عقل ٻڌائين ٿا. حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جن ان وقت تائين ايمان نہ آندو هو پر ان وقت سندن دل ۽ دماغ تي پنهنجي ڀائٽي (يعني حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي محبت غالب هئي، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ ابوجهل جي ڳالهہ ٻڌي ڪري فرمايائون: تون واقعي بَد عقل آهين جو پنهنجي هٿن سان جوڙيل پٿرن کي خدا مڃو ٿا. مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله پاڪ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ محمد صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله جا سچا رسول آهن[1]. ان وقت حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي دل تي محبتِ مصطفٰي غالب هئي، پاڻ ڪلمهءِ شهادت پڙهي ورتائون، فرمائن ٿا: بعد ۾ مونکي هن باري ۾ پريشاني ٿي، مون سڄي رات سوچيندي گذاري، صبح جو حرمِ ڪعبہ ۾ حاضر ٿيس ۽ روئي روئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي تہ ياالله پاڪ! منهنجو سينو حق جي لاءِ کولي ڇڏ ۽ مون کان شڪ کي دور فرماءِ، اڃان مون دعا پوري بہ نہ ڪئي هئي تہ منهنجي دل مان شڪ نڪري ويو ۽ يقين مضبوط ٿي ويو، پوءِ بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ سڄي صُورتِ حال پيش ڪيَم تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن منهنجي حق ۾ دعا فرمائي[2].

## اميرِ حمزه رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي شان ۾ آيت نازل ٿي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ دولتِ اسلام سان مالا مال ٿيا تہ ان وقت سندن شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿئي:

| | |
|---|---|
| اَوَ مَنۡ كَانَ مَيۡتًا فَاَحۡيَيۡنٰهُ وَ جَعَلۡنَا لَهٗ نُوۡرًا يَّمۡشِيۡ بِهٖ فِي النَّاسِ | **ترجموڪنزالعرفان**: ۽ ڇا جيڪو مرده هو پوءِ اسان ان کي زنده ڪري ڇڏيو ۽ اسان |

[1] ـ تفسير ڪبير، پاره:8،سورهٔ انعام، تحت الآية:122، جلد:5، صفحہ:134ـ

[2] الروض الانف، اسلام حمزة، جلد:2، صفحہ:51ـ ـ

| | |
|---|---|
| كَمَنۡ مَّثَلُهٗ فِی الظُّلُمٰتِ لَیۡسَ بِخَارِجٍ مِّنۡهَا ؕ<br>( سيپارو: 8، سوره انعام: 122) | ان جي لاءِ هڪ نور بڻائي ڇڏيو جنهن سان گڏ اهو ماڻهن ۾ هلندو آهي (ڇا) اهو ان جهڙو ٿي ويندو جيڪو اونداهين ۾ (پيل) آهي (ءِ) انهن مان نڪرڻ وارو ناهي. |

## زندگيءَ جو حقيقي مفهوم

اي عاشقانِ رسول! هن آيتِ ڪريمه ۾ زندگيءَ جو عجيب فلسفو بيان ڪيو ويو آهي، عام طور حرڪت ڪي زندگي چيو ويندو آهي، جنهن جو ساهه هلي رهيو هجي، جيڪو ڳالهائي سگهندو هجي، ٻڌي سگهندو هجي، هلي ڦري سگهندو هجي، ان کي زنده چيو ويندو آهي، پر قرآنِ ڪريم زندگي جو هڪ ٻيو ئي مفهوم بيان فرمايو آهي، ڏسو! حضرتِ اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي دنيا ۾ تشريف ڪٽي ايندي 40 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو، پاڻ هلندا ڦرندا به ها، کائيندا پيئندا به ها، شڪار به ڪندا ها، ان جي باوجود الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| كَانَ مَیۡتًا | **ترجمو ڪنز العرفان:** جيڪو مرده هو |

پوءِ جڏهن کين اسلام قبول ڪري ورتو، سندن دل نورِ ايمان سان روشن ٿي وئي ته فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاَحۡیَیۡنٰهُ | **ترجمو ڪنز العرفان:** پوءِ اسان ان کي زنده ڪري ڇڏيو. |

معلوم ٿيو: اصل زندگي دل جي زندگي آهي، جنهن جي دل ۾ ايمان جو نور موجود آهي، اهو زنده آهي، جنهن جي دل ۾ نور موجود ناهي، ان جي دل به مُئل آهي، اهو پاڻ به جيئرن جي صورت ۾ مُئل آهي.

| | |
|---|---|
| زِندگی زِندہ دِلی کا نام ہے | مرُدہ دِل کیا خاک جیا کرتے ہیں |

## دل جي حفاظت...!

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ دل جي حفاظت ڪرڻ تمام ضروري آهي، اڄ ڪلهہ اسان وٽ ماڻهو ظاهري جسم جو خيال رکڻ تي وڏيڪ توجهہ ڏيندا آهن، اسان جي جسم کي روزانو ڪيتري خوراڪ جي ضرورت آهي؟ ڪيتري ڪيلوريز ضروري آهن، جسماني طور ڪمزوري هجي تہ ڊاڪٽر سان رجوع بہ ڪيو ويندو آهي، ماڻهو جسم کي فِٽ رکڻ جي لاءِ ورزش بہ ڪندا آهن، ۽ جسم کي فِٽ رکڻ جي لاءِ ويٽ لفٽنگ (Weightlifting) بہ ڪندا آهن. پاڻ کي جسماني طور تي تندرست رکڻ جي ڪوشش بُري ناهي، البت هي بہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڇا هي سڀ اسان پنهنجي دل جي معاملي ۾ بہ ڪندا آهيون؟ ڇا ڪڏهن اسان سوچيو تہ اسان جي دل تندرست آهي يا نہ؟ ڪٿي اسان باطني طور بيمار تہ نہ آهيون؟ ڪٿي اسان جي دل ۾ حسد، تڪبر، بُغض، ساڙُ وغيره ايمان کسيندڙ بيماريون تہ پيدا نہ ٿي چڪيون آهن؟ افسوس سان عرض ڪرڻو ٿو پئي تہ عام طور هن ڏي توجهہ ناهي ڪئي ويندي. حالانڪ اَصل زندگي زندهہ دل هئڻ جو ئي نالو آهي. ڪنهن ڇا تہ خوب چيو آهي تہ:

| | |
|---|---|
| يهي ہے اُمّتوں کے مرضِ کُہن کا چاره | دلِ مردَہ دِل نہيں، اسے زِندہ کر دوباره |

وضاحت: مرضِ ڪُهن: يعني پراڻو مرض. مطلب هي تہ قومن جي اصل بيماري جو علاج هي آهي تہ انهن جي دل زندهہ ڪئي وڃي.

## انسان ٻن مجموعن جو نالو آهي

ياد رکو! انسان ٻن مجموعن جو نالو آهي: (1): جسم (2): رُوح. خالي روح هجي، جسم نہ هجي تہ ان کي انسان ناهي چيو ويندو، اهڙيءَ طرح خالي جسم هجي، روح نہ هجي تہ ان کي بہ مُئل لاش چوندا آهن. معلوم ٿيو: انسان جسم ۽ روح جي مجموعي جو نالو آهي، ان ڪري جيڪڏهن اسان پنهنجي انسانيت کي برقرار رکڻ چاهيون ٿا تہ جيترو اسان جسم جو فڪر ڪندا آهيون ان کان

وڏيڪ اسان کي پنهنجي روح جو بہ فڪر ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن ظاهري جسم طاقتور هجي پر ان جي اندر ضَمير مُرده هجي تہ انسان انسان ناهي رهندو، وحشي جانور بڻجي ويندو آهي ۽ روح طاقتور هجي، ۽ ظاهري جسم ڪمزور بہ ٿي وڃي، تڏهن بہ انسان ۾ انسانيت باقي رهندي آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي دل جي زندگي جو بہ ضروري فِڪر ڪريون، پنهنجي دل کي باطني بيمارين (مثال طور حسد، تڪبر، ڏکين اميدن وغيره) کان بچايون. مڪتبۃُ المدينہ جو تمام پيارو ڪتاب آهي: باطني بيمارين جي معلومات. هي ڪتاب خريد ڪيو، هن کي پڙهو. اِنۡ شاء اللّٰهُ الكَرِيم! باطني بيمارين جي معلومات حاصل ٿيندي، هن ڪتاب ۾ باطني بيمارين جا نالا، انهن جي تعريف، انهن بيمارين جي متعلق قرآني آيتون، حديثون ۽ انهن بيمارين جا علاج بہ لکيا ويا آهن. الله پاڪ اسان سڀني کي ظاهري ۽ باطني بيمارين کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## فضائل اميرِ حمزه رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ الله پاڪ پنهنجو وعدو فرمايو

سيپارو: 20 سوره قصص، آيت: 61 ۾ ارشاد آهي:

اَفَمَنۡ وَّعَدۡنٰهُ وَعۡدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيۡهِ كَمَنۡ مَّتَّعۡنٰهُ مَتَاعَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ثُمَّ هُوَ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ مِنَ الۡمُحۡضَرِيۡنَ ﴿۶۱﴾

(سيپارو: 20، سوره قصص: 61)

**ترجموڪنزالعرفان: اهو شخص جنهن سان اسان جو سٺو واعدو ٿيل آهي اهو ان (واعدي) سان ملڻ وارو(بہ) آهي ڇا اهو ان شخص جهڙو آهي جنهن کي اسان(فقط) دنياوي زندگي جو نفعو گذرسفر لاءِ ڏنو هجي پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن گرفتار ڪري حاضر ڪيلن منجهان هجي**

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻہ شخص آهن: (1): هڪ اهو جنهن سان الله پاڪ جنّت جو وعدو فرمايو ۽ اهو جنّت ۾ پهچي ويندو ۽ (2): ٻيو اهو جنهن کي دنياوي مال عطا ڪيو ويو، پوءِ قيامت جي ڏينهن ان کي ٻَڌي (جَڪڙي) ڪري آندو ويندو، ڇا هي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هرگز نٿا ٿي سگهن. مفسّرينِ ڪرام فرمائن ٿا: هي آيتِ ڪريمہ ٻہ حضرت اميرِ حمزه ۽ ابوجهل جي متعلق نازل ٿي، هن آيت ۾ اهو شخص جنهن سان الله پاڪ جنّت جو وعدو فرمايو، هن مان مراد حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ آهن ۽ اهو شخص جنهن کي دنياوي مال ڏنو ويو پر قيامت جي ڏينهن ان کي ٻَڌي ڪري آندو ويندو، هن مان مراد ابو جهل آهي[1].

## الله ۽ رسول جو شينهن

معجمِ ڪبير ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ ستين آسمان تي لکيل آهي:

حَمْزَةُ بْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ أَسَدُ اللهِ وَأَسَدُ رَسُوْلِهِ

يعني حضرت حمزه بن عبد المطلب الله ۽ ان جي رسول جا شينهن آهن[2].

ہیں مُحِبِّ حبیبِ داور آقا امیر حمزہ! | وہی شیر ہیں خُدا کے اور شیر مصطفےٰ کے

## حضرت حمزه جنّت ۾ ٽيڪ لڳايل

حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: رات مان جنّت ۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم: حمزه (رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ) پنهنجي دوستن سان گڏ موجود هئا[3]. هڪ روايت ۾ آهي،

---

[1] ذخائر العقبیٰ ، صفحہ:300۔
[2] معجم ڪبير، جلد:2، صفحہ:266، حديث:2881۔
[3] استيعاب، باب جعفر، جلد:1، صفحہ:314ملتقطاً۔

فرمايائون: رات مان جنّت ۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم: حضرت جعفر طيار رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرشتن سان گڏ هوا ۾ اُڏامي رهيا هئا جڏهن تہ حضرت حمزه تخت تي ٽيڪ لڳائي ويٺا ها[1].

## جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام جي زيارت

هڪ ڀيري سيّدُ الشهداء حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام کي ان جي اصل صُورت ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو. رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: چاچا جان! توهان ان جي طاقت نٿا رکو. حضرت حمزه جن اصرار ڪيو (يعني باربار عرض ڪيائون تہ مونکي ڏسڻو ئي ڏسڻو آهي) ان تي مالِڪ و مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: زمين تي ويهي رهو! حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ويهي رهيا. ڪجھ دير بعد حضرتِ جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبي شريف تي لٿا، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: چاچا جان! نظرَ کڻو! ۽ ڏسو! جيئن ئي اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن نظرَ کڻي حضرتِ جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام کي ان جي اصل صُورت ۾ ڏٺائون تہ ان جي تاب سَهي نہ سگهيا ۽ بي هوش ٿي ويا[2].

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پسنديده نالو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا و مولا، محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي چاچا جان حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا ها، حضرت جابِر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان وٽ پٽ جي ولادت ٿئي آهي، ان جو نالو ڇا رکون؟ رسولِ رحمت، شفيعِ امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مونکي پنهنجي چاچا حمزه بن عبدالمطلب جو نالو تمام گهڻو پسند

---

[1] مستدرک، کتاب معرفۃ الصحابۃ، جلد:4، صفحہ:201، حديث:4942۔

[2] الطبقات الکبری، جلد:3، صفحہ:8 ملتقطاً۔

آهي، پنهنجي پٽ جو هيءُ ئي نالو رکو...![1]

## حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شهادت

پيارا اسلامي ڀائرو! 15 شوّال المكرم، سن 3 هجري تي حق و باطل جي عظيم جنگ ٿي، جنهن کي غزوهءِ اُحد چيو ويندو آهي، غزوهءِ اُحد ۾ اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بہ شريک ها، پاڻ تمام گهڻو بهادريءَ سان وڙهيا، آخر شهادت جي بلند رتبي تي فائز ٿيا[2]. شهادت جي وقت سندن عمر مبارک 54 سال هئي.

| | |
|---|---|
| سرداری تمہیں حاصل ہے سارے شہیدوں کی | یوں حق کی حفاظت میں کی جان فدا حمزہ |
| احسان نہ بھولے گا میدانِ اُحُد تیرا | ہے اس کی شبِ جاں میں اب تیری ضیا حمزہ |

## اميرِ حمزه جي شهادت تي غمِ مصطفٰي

روايت ۾ آهي: سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي چاچا جان حضرت اميرِ حمزه جي لاش مبارک وٽ بيٺا ۽ فرمايائون: يَاحَمۡزَۃُ اي حمزه! يَاعَمَّ رَسُوۡلِ اللّٰہِ اي رسول الله جا چاچا جان! وَأَسَدَ اللّٰہِ وأَسَدَ رَسُوۡلِہٖ اي الله ۽ رسول جا شينهن! يَاحَمۡزَۃُ يَافَاعِلَ الۡخَیۡرَاتِ اي حمزه! اي ڀلائي ۾ اڳڀرائي وڌڻ وارا! يَاحَمۡزَۃُ يَاكَاشِفَ الۡكَرَبَاتِ اي حمزه! اي رنج و غم پري ڪرڻ وارا يَاحَمۡزَۃُ يَاذَابًّا عَنۡ وَجۡهِ رَسُوۡلِ اللّٰہِ اي حمزه! اي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان دشمنن کي پري ڀڄائڻ وارا![3]

هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: چاچا سائين! الله پاک توهان تي رحم فرمائي، توهان تمام گهڻي صلهءِ رحمي ڪرڻ وارا، نيڪيءَ جي ڪمن ۾

---

[1] مستدرک، کتاب معرفة الصحابة، جلد:4، صفحہ:200، حدیث:4940۔
[2] معرفة الصحابة، جلد:2، صفحہ:17۔
[3] ذخائر العقبیٰ ، صفحہ:306۔

گھڻو اڳتي وڌڻ وارا هئا.[1]

| | |
|---|---|
| آپ کے دَم سے بڑھی شوکتِ اسلام شہا! | باعثِ قُوَّتِ ایمان ہو حضرت حمزہ |
| آپ کو بخشا گیا سیدِ شہدا کا لقب | دِین پہ اس طرح قربان ہو حضرت حمزہ |
| آپ کے اُسوَۂ حسنہ پہ مشاہد ؔبھی چلے | اس نکمے پہ یہ احسان ہو حضرت حمزہ |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جا 2 اعليٰ وصف

اي عاشقانِ رسول! هن حديثِ پاڪ ۾ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جا 2 وصف ذِڪر فرمايا: (1): وُصُولُ الرَّحَم (يعني گهڻي صلهءِ رحمي ڪرڻ وارا) (2): فُعُولُ الْخَيْرَات (تمام گهڻيون نيڪيون ڪرڻ وارا).

ڪاش! اسان به هنن ٻنهي وصفن کي اپنايون ۽ حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو فيضان حاصل ڪريون.

## صلهءِ رحمي جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! صلهءِ رحمي جي باري ۾ 3 مبارڪ حديثون ٻڌون ٿا: (1): پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن کي هي پسند هجي ته ان جي عمر ۽ رزق ۾ اضافو ڪيو وڃي ته ان کي گهرجي پنهنجي والدين سان سٺو سلوڪ ڪري ۽ پنهنجي رشتيدارن سان صلهءِ رحمي ڪندو ڪري[2]. (2): طبرانيءَ اوسط ۾ حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت ڪئي آهي: حضورِ اڪرم نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ گهر مبارڪ مان ٻاهر تشريف ڪٺي آيا، اسان گڏ وينا هئاسين، پاڻ اسان کي ڏسي ڪري فرمايائون: اي مسلمانو! الله پاڪ کان ڊڄو ۽ صلهءِ رحمي ڪيو ڇو ته صلهءِ رحمي جو ثواب تمام جلد

[1] معرفة الصحابة، جلد:2، صفحه:22۔

[2] التر غيب ،والترهيب ،كتاب البر والصلاة ،باب بر الوالدين ،صفحه:801،حديث:16۔

ملندو آهي[1]. (3) بزار ۽ حاڪم جي روايت آهي: جيڪو شخص هيءَ آرزو رکندو هجي تہ ان جي عمر ڊگهي هجي، رزق ۾ ڪشادگي ٿئي ۽ بري موت کان بچي وڃي اهو الله کان ڊڄي ۽ صلہءِ رحمي ڪري[2].

اي عاشقانِ رسول! حضرت سيّدنا فقيہ ابواللّيث سَمَرقندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن: صِلہءِ رحمي جا 10 فائده آهن: (1): الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيندي آهي (2): ماڻهن جي خوشيءَ جو سبب آهي (3) ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي (4): مسلمانن جي طرفان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي (5): شيطان کي ان سان تڪليف پهچندي آهي (6): عمر وڌندي آهي (7): رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي (8): فوت ٿي ويل ابا ڏاڏا خوش ٿيندا آهن (9): پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي ۽ (10): وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ڇوتہ ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن[3].

## نيڪين جي حرص جا فضائل

(1): سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عظمت نشان آهي: **لَاتَحۡقِرَنَّ مِنَ الۡمَعۡرُوۡفِ شَيۡئًا وَلَوۡ أَنۡ تَلۡقَى أَخَاكَ بِوَجۡهٍ طَلۡقٍ يعني نيڪيءَ جي ڪنهن ڳالهہ کي حقير نہ سمجهو چاهي اهو توهان جو پنهنجي ڀاءُ سان کلي ڪري ملڻ هجي[4].** (2): فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اِحۡرِصۡ عَلٰى مَايَنۡفَعُكَ وَاسۡتَعِنۡ بِاللهِ وَلَاتَعۡجِزۡ **يعني ان تي حرص ڪيو جيڪو توهان کي نفعو ڏي ۽ الله کان مدد گهرو عاجز نہ ٿيو[5].**

اي عاشقانِ رسول! شارح مسلم حضرت علّامہ شرف الدين نَوَوِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

[1] معجم الاوسط ،جلد:4، صفحہ:187، حديث:5664۔
[2] مستدرک ، كتاب البر والصلة ، باب احاديث صلة الرحم،جلد:5، صفحہ:222، حديث:7362۔
[3] تنبيہ الغافِلين ، باب صلةالرحم ،صفحہ:73۔
[4] مسلم، كتاب البر والصلة، صفحہ:1014، حديث:2626۔
[5] مسلم، كتاب القدر، باب في الامر بالقوة، صفحہ:1027، حديث:2664۔

هن حديث جي حوالي سان لکن ٿا: الله پاڪ جي عبادت ۾ خوب حرص ڪيو ۽ ان تي انعام جي لالچ رکو پر هن عبادت ۾ به پنهنجي ڪوشش تي ڀروسو ڪرڻ بدران الله پاڪ کان مدد گهرو[1]. جڏهن ته حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هِن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: خيال رهي ته دنياوي شين ۾ قناعت ۽ صبر سنو آهي پر آخرت جي شين ۾ حرص ۽ بي صبري اعليٰ آهي، دين جي کهڙي به درجي تي پهچي قناعت نه ڪيو اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو[2]. الله پاڪ اسان کي نيڪين ڪرڻ جو حريص بڻائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## نمازِ جنازه ۽ مدفن

غزوهءِ اُحد ۾ شهيد ٿيڻ وارن صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْہُمْ مان سڀ کان پهريان حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہ عَنْہُ جي نمازِ جنازه ادا ڪئي وئي، پوءِ هڪ هڪ شهيد کي آندو ويو، حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہ عَنْہُ کي ويجهو رکي ڪري انهن جي نمازِ جنازه پڙهي وئي[3]، ڪجهه روايتن ۾ آهي ته 10، 10 شهيدن جي نمازِ جنازه ادا ڪئي وئي ۽ انهن ۾ هر ڀيري حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہ عَنْہُ به شريڪ رهيا[4].

## فرشتن غُسل ڏنو

حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہ عَنْہُ کي حضرت ابوبڪر، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت علي المرتضيٰ جن قبر ۾ لاٿو، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قبر جي ڪناري تي تشريف فرما هئا، پاڻ فرمايائون: مون ڏٺو،

[1] شرح صحيح مسلم للنووی، جلد:8،صفحہ:512،ملخصًا ۔
[2] مرآۃ المناجیح،جلد:7،صفحہ:211۔
[3] طبقات الکبری، جلد:3، صفحہ:7۔
[4] سنن کبری للبیہقی،ابواب الشہید، جلد:4، صفحہ:157، حدیث:6804۔

ملائڪ حضرت حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي غُسل ڏئي رهيا آهن[1].

## مزار مبارڪ

اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي مزار مديني پاڪ ۾ جبلِ اُحد جي ويجهو آهي. سندن مزار مبارڪ تي دعائون قبول ٿينديون ۽ مرادون پڏيون وينديون آهن. الحمد لله! عاشقانِ رسولِ سندن مزار مبارڪ تي حاضري ڏيندا، خوب دعائون ڪندا ۽ دل جون مرادون ماڻيندا آهن.

## مهمانن جي حفاظت فرمائي

شيخ سعيد بن قُطَب رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي مزار مبارڪ تي ڪثرت سان حاضري ڏيندا هئا. عام طور مديني پاڪ جا رهڻ وارا عاشقانِ رسول 12 رجب جو اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي مزار مبارڪ تي حاضري ڏيندا هئا پر حضرت سعيد بن قُطَب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪجھ ڏينهن پهريان ئي حاضر ٿي ويندا ۽ 12 رجب تائين اُتي ئي رهندا ها. شيخ عبد اللطيف تهتام مالڪي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان بہ شيخ سعيد رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سان گڏ اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿي ويس، رات ٿي تہ سڀ ماڻهو سمهي رهيا، مان انهن جي حفاظت جي لاءِ جاڳندو رهيس، رات جو مون اتي هڪ گهوڙي سوار ڏٺو، جيڪو مزار مبارڪ جي ويجهو چڪر لڳائي رهيو هو، مون ان گهوڙي سوار کان پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: منهنجو نالو حمزه بن عبد المطلب آهي ۽ مان توهان جي حفاظت ڪري رهيو آهيان. ايترو فرمائي ڪري حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ نظرن کان غائب ٿي ويا[2].

بابُ الدُّعا ہے بے شک جن کا مزارِ اَنْوَر | وہ بندۂ خدا ہیں حضرت امیر حمزہ

---

[1] طبقات الكبرى، جلد:3، صفحہ:7۔

[2] جامع کرامات اولیا،جلد:1، صفحہ:109 بتغیر قلیل۔

## جيڪو گهريو اهو ملي ويو

حضرت ابو العبّاس مَرسِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان اميرِ حمزه جي مزار مبارڪ تي حاضريءَ جي لاءِ نڪتُس ته هڪ شخص منهنجي پويان پويان هلڻ لڳو، جڏهن اسان مزار مبارڪ تي پهتاسين ته مزار مبارڪ جو دروازو پاڻ ئي کُلي ويو، اسان اندر وياسين ته اُتي رجالُ الغَيۡب (يعني اولياءِ ڪرام) مان هڪ شخص کي ڏٺم، ان وقت مون الله پاڪ کان دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اَسْاَلُكَ الْعَفْوَ وَ الْعَافِيَةَ وَ الْمُعَافَاةَ فِي الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةِ

**اي الله پاڪ! مان توکان تنهنجي دنيا ۽ آخرت ۾ عفو و عافيت جو سوال ڪريان ٿو.**

شيخ ابو العبّاس مَرسِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون پنهنجي رفيق کي چيو: هي دعا جي قبوليت جو وقت آهي، الله پاڪ کان جيڪو ڪپئي گُهر! منهنجي هن رفيق دعا گهري ته يااللہ پاڪ! مونکي هڪ دينار (سون جو سڪّو) ملي وڃي. فرمائن ٿا: هتان کان فارغ ٿي ڪري مان پنهنجي پير و مرشد حضرت ابو الحسن شاذلي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، اهو شخص به مون سان گڏ هو، اجان ڪا ڳالهه به نه ٿي هئي، ان کان پهريان ئي شيخ ابو الحسن شاذلي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جن ان شخص کي فرمايو: اي گهٽ همّت وارا! دعا جي قبوليت جو وقت هو ۽ تو ته صرف هڪ دينار گهريو، تون ابو العبّاس وانگر دنيا ۽ آخرت ۾ عفو و عافيت جو سوال ڇو نه ڪيو[1].

## دعا جو هڪ ادب

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو: الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي خدمت ۾ حاضري ٿئي، يا مزاراتِ اولياء تي وڃڻ نصيب ٿئي ۽ ان کان علاوه جڏهن به دعا گهرو ته دل کولي گهرو، الله پاڪ جي خزانن ۾ ڪا ڪمي ناهي، هو رحمٰن ۽

[1] مرقاۃ المفاتیح، کتاب الزکاۃ، جلد:4، صفحہ:315، تحت الحدیث:1855۔

رحيم آهي، الله وهّاب (يعني تمام گهڻو عطا ڪرڻ وارو) آهي، لهٰذا جڏهن الله پاڪ کان گهرڻو هجي ته ٻانهو شرمائي ڇو؟ ٻه چار پيسا، ڪجهه وقت جو ڪاڏو يا ڪا ٻي معمولي خواهش ئي ڇو گهري؟ ننڍي وڏي هر شيءِ الله پاڪ کان گهري، پوءِ هي ٻه نه ته صرف دنياوي نعمتون، مال ۽ دولت ته گهري، آخرت جون بهتريون نه گهري، نه، نه، ايئن هرگز نه ڪرڻ گهرجي بلڪ درست طريقو هي آهي ته دعا گهرڻ ۾ پهريان آخرت جون بهتريون ۽ ڀلايون گهري، پوءِ دنيا جون بهتريون ۽ ڀلايون ۽ جنهن جي حاجت هجي اهو گهري. صرف دنيا گهرڻ، آخرت جو فڪر نه ڪرڻ، هي سني ڳالهه ناهي.

| | |
|---|---|
| اِلٰہی میں تیری عطا مانگتا ہوں | کرم مغفرت کی دُعا مانگتا ہوں |
| خدا تجھ سے تیری وِلا مانگتا ہوں | میں عشقِ شہِ انبیا مانگتا ہوں |

## پنهنجي پٽ جو نالو حمزه رکجو

هڪ ڀيري شيخ محمود ڪُردي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حضرت امیرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيا ۽ سلام عرض ڪيائون، فرمائن ٿا: مون پاڻ ٻڌو ته حضرت امیرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ مزار مبارڪ جي اندران بلند آواز سان سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايائون: شيخ محمود! توهان وٽ پٽ ٿيندو، ان جو نالو حمزه رکجو. شيخ محمود رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: الله پاڪ سچ ۾ مونکي پٽ عطا فرمايو ته مون ان جو نالو حمزه رکيو[1].

سُبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امیرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو ڇا ته نرالو شان آهي، پاڻ شيخ محمود رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي سلام جو جواب ڏنائون، هي هڪ ڪرامت، شيخ محمود رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي گهرواري اميد سان آهن، هي ڄاڻي وٺڻ، ٻئي ڪرامت، پاڻ وٽ ڌيءُ نه بلڪ پٽ پيدا ٿيندو، هي ڄاڻي وٺڻ، ٽئين ڪرامت

[1] حجة الله على العالمين، المطلب الثالث، من كرامات حمزة، صفحہ:614۔

## مزار جي مٽيءَ ۾ شفا آهي

علّامہ سمهودي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مزار مبارڪ جي برڪت واري مٽي خاڪِ شفا آهي، قديم زماني کان وٺي نيڪ ماڻهن جو طريقو رهيو آهي تہ حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مزار مبارڪ جي مٽي ڪٽي ڪري ويندا ۽ ان کي دوا جي طور استعمال ڪندا آهن.[1]

الحمد لله! شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڏنو ويو آهي تہ پاڻ حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مزار مبارڪ جي مبارڪ خاڪ سرائيءَ سان اکين ۾ لڳائيندا آهن. الله پاڪ اسان کي بہ صحابہٴ ڪرام جو عشق ۽ ادب نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## شهيدن جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سيّدُالشّهداء (يعني شهيدن جا سردار) آهن، پاڻ غزوهٴ اُحد ۾ شهادت جو رتبو ماڻيائون، غزوهٴ اُحد جي شهيدن جي شان ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۙ وَ يَسْتَبْشِرُوْنَ بِالَّذِيْنَ لَمْ يَلْحَقُوْا بِهِمْ مِّنْ خَلْفِهِمْ ۙ اَلَّا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۷۰﴾

(سيپارو: 4، سوره آل عمران: 170)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** (اهي) اُن تي خوش آهن جيڪو الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي ۽ پنهنجي پنيان (رهجي وڃڻ وارن) پنهنجن ڀائرن تي بہ جيڪي اڃا انهن سان ناهن مليا جو انهن تي نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا.

---

[1] وفاء الوفاء باخبار دار المصطفٰے، الفصل السادس، الاستشفاء بتراب صعيب، جلد:1، صفحہ:60۔

هن آيت جي حوالي سان تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ شهداءِ ڪرام جي متعلق فرمايو پيو وڃي تہ الله پاڪ انهن تي فضل ۽ ڪرم فرمايو، انعام ۽ احسان ۽ اعزاز ۽ اڪرام سان انهن کي نوازيائين، موت ڪان بعد اعلٰي زندگي عطا فرمائي، انهن کي پنهنجو قرب عطا فرمايائين، جنّت جو رزق ۽ اعلٰي نعمتون عطا فرمايائين، انهن کي شهادت جي توفيق بخشيائين، شهداءِ ڪرام هنن سيني نعمتن تي خوشي ملهائي رهيا آهن[1].

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان جا ڀائر غزوهءِ اُحد ۾ شهيد ٿيا تہ الله پاڪ انهن جا روح سبز پکين ۾ رکي ڇڏيا، اهي جنّتي شاخن تي ويندا آهن، جنّتي باغن مان ميوا کائيندا آهن ۽ عرش جي ڇانوَ ۾ سون جي قنديلن ۾ آرام ڪندا آهن، جڏهن انهن هي نعمتون ڏٺيون تہ چوڻ لڳا: ڪاش! اسان جا ڀائر ڄاڻين ها تہ الله پاڪ اسان جي لاءِ ڇا ڇا نعمتون تيار فرمايون آهن. ان تي الله پاڪ فرمايو: توهان جي طرفان مان هي خوشخبري توهان جي ڀائرن تائين پهچايان ٿو. پوءِ الله پاڪ هي آيتِ ڪريمہ نازل فرمائي:

وَ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِیْنَ قُتِلُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًاؕ بَلْ اَحْیَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ یُرْزَقُوْنَ(۱۶۹)

(سيپارو: 4، سورت آل عمران: 169)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪي الله پاڪ جي راهہ ۾ شهيد ڪيا ويا انهن کي مئل خيال نہ ڪيو بلڪ اهي پنهنجي ربّ وٽ زندهہ آهن، انهن کي رزق ڏنو ويندو آهي.

اي عاشقانِ رسول! جانِ عالَم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا جان حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ شهادت جي رتبي تي فائز ٿيا، شهادت تمام وڏو رتبو آهي، الله پاڪ حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي صدقي ۾ اسان کي بہ مديني پاڪ ۾

[1] تفسير صراط الجنان، پاره:4، سورۀ آل عمران، تحت الآيۃ:170، جلد:2، صفحہ:92۔

گُنبَدِ خضرا جي ڇانوَ ۾ سنهرين ڄارين جي سامهون شهادت جو موت نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

دے شہادت مجھے مدینے میں | از پئے شاہِ کربلا یاربّ!
قبر میری بنے مدینے میں | تجھ سے ہے یہ مری دُعا یاربّ!

## شهادت جون مختلف صورتون

بهارِ شريعت ۾ آهي: شهادت صرف ان جو نالو ناهي جو جهاد ۾ قتل ڪيو وڃي بلڪ احاديثِ ڪريمہ جي مطابق شهادت جون ٻيون بہ ڪوڙ صورتون آهن، مثال طور هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: (1): جيڪو طاعون (***Plague***) ۾ مئو (اهو) شهيد آهي (2): جيڪو ٻڏي ڪري مُئو اهو بہ شهيد آهي (3): ذات الجنب (ڦڦڙن جي هڪ بيماري، جيڪو ان بيماريءَ) ۾ مُئو (اهو) شهيد آهي (4): جيڪو پيٽ جي بيماري ۾ مئو شهيد آهي (5): جيڪو سڙي ڪري مري (اهو) شهيد آهي (6): جنهن جي مٿان ڀت وغيره ڪري پئي ۽ مري وڃي شهيد آهي (7): عورت جو ٻار پيدا ٿيڻ يا ڪنوارپڻ ۾ مري وڃي شهيد آهي. اهڙي طرح ڪجھ روايتن جي مطابق راهِ عِلمِ دين ۾ مرڻ وارو بہ شهيد آهي، مؤذن جيڪو ثواب جي لاءِ اذان ڏيندو هجي، هي بہ شهادت جو رتبو ماڻيندو آهي، فسادِ امّت جي وقت سنّت تي عمل ڪرڻ وارن جا تہ ڀاڳ ئي ڀلا آهن جو انهن کي 100 شهيدن جو ثواب ڏنو ويندو آهي. عُلَماء فرمائن ٿا: جيڪوروزانو 25 ڀيرا هي پڙهي:

اَللّٰھُمَّ بَارِكْ لِيْ فِي الْمَوْتِ وَفِيْمَا بَعْدَ الْمَوْتِ

جڏهن مرندو تہ الله پاڪ ان کي شهادت جو رتبو عطا فرمائيندو.

اهڙي طرح جيڪو ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا هجي، اهو 40 ڀيرا هي پڙهي:

لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ

جيڪڏهن انهيءَ مرض ۾ مري ويو تہ شهادت جو رتبو ماڻيندو ۽ جيڪڏهن صحتياب ٿي ويو ۽ انهيءَ مرض ۾ وفات نہ ٿي تہ ان جي مغفرت ٿي ويندي[1].

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ بارگاهِ الاهي ۾ مديني ۾ مرڻ جي تمنا جو اظهار ڪجھ هن طرح ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| ديدے مرنے کی مدینے میں سعادت دیدے | کس طرح سندھ کے جنگل میں مروں گا یاربّ! |
| مجھ گنہگار پہ گر خاص کرم ہو جائے | جام طیبہ میں شہادت کا پیوں گا یاربّ! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

اي عاشقانِ رسول! نيڪ بڻجڻ ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب اڳتي وڌي ڪري حصّو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار اجتماع پڻ آهي. اچو! هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گناهن ڀري زندگيءَ ۾ مدني انقلاب

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دعوت اسلامي جي ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس، دنياوي لذّتن ۾ مصروف رهڻ منهنجي عادت هئي، بُرن دوستن جي صحبت مونکي اجان بگاڙي ڇڏيو هو، دوستن سان ملي ڪري سڄي رات گناهن جو سلسلو جاري رهندو هو، هڪ ڀيري هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي وقت نماز جي دعوت ڏني، خبر ناهي ان جي دعوت ۾ ڪهڙو اَثر هو جو مان بہ ان

[1] بہار شریعت ، جلد:1، صفحہ:857تا860، حصہ:4۔

سان مسجد ڏي هليس، مغرب جي نماز پڙهي، نماز کان پوءِ هڪ اسلامي ڀاءُ فيضان سنّت مان درس ڏنو، درس کان فوراً بعد اسلامي ڀائرن هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي بہ اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، انهن جو انداز اهڙو تہ پيارو هو جو مان فوراً هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي ويس، پوءِ جلد ئي اسلامي ڀائرن سان ملي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي فضائن ۾ پهچي ويس، اتي سنّتن ڀريو بيان ٻڌو، ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهيس، پوءِ رقّت انگيز دعا ٿي. الحمد للّٰه! دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۽ عاشقان رسول جي صحبت جو مون تي اهڙو اثر ٿيو جو مون دعا جي دوران روئي روئي ڪري پنهنجن گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ آئينده زندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي پڪي نيّت ڪئي، منهنجي هڪ مزي واري ڪيفيت هوئي اجتماع کان واپسي کان بعد مون نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ ۾ مصروف ٿي ويس.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ زندگيءَ جا آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو:

مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّۃِ

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو[1].

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1] مشکوٰۃ، کتابُ:الۡاِیمان، بابُ:الۡاِعۡتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

## اڇي ڪفن ۾ ڪفنائڻ جون سنّتون ۽ آداب

3 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو ڪنهن ميّت کي وهنجاري، ڪفن ڏي. خوشبو لڳائي، جنازو کڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا ناقص ڳالهه نظر اچي ان کي لڪائي اهو پنهنجن گناهن کان اهڙو پاڪ ٿي ويندو آهي جهڙو جنهن ڏينهن ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو هو (2): پنهنجن مُئلن کي اڇو ڪفن ڏيو ڇو ته اهي قبرن ۾ پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن ۽ (اڇي ڪفن سان) تفاخر ڪندا (يعني خوش ٿيندا) آهن[1] (3): پنهنجي مُئلن کي اڇو ڪفن ڏيو[2].

اي عاشقانِ رسول! ڪفن پارائڻ سنّتِ مبارڪ آهي ◈ مرد جو ڪفن: (1) لفافو يعني چادر (2): اِزار يعني تهبند (3): قميص يعني ڪفني. عورت جي لاءِ ٽن سان گڏوگڏ وڌيڪ ٻه هي آهن: (4): اُوڙهني (5): سينہ بند ◈ جيڪو نابالغ حدّ شهوت کي پهچي ويو اهو بالغ جي حڪم ۾ آهي يعني بالغ کي ڪفن ۾ جيترا ڪپڙا ڏنا ويندا آهن هن کي به ڏنا ويندا ۽ هن کان ننڍي ڇوڪري کي هڪ ڪپڙو ۽ ننڍيءَ ڇوڪريءَ کي به ڪپڙا ڏئي سگهون ٿا ڇوڪري کي به ٻه ڪپڙا ڏنا وڃن ته بهتر آهي ۽ بهتر هي آهي ته ٻنهي کي پورو ڪفن ڏيو توڙي جو هڪ ڏينهن جو ٻار هجي ◈ صرف عُلماء و مشائخن کي عمامي سان دفنائي سگهجي ٿو، عام ماڻهن جي ميّت کي عمامي سان گڏ دفنائڻ منع آهي ◈ مرد جي جسم تي اهڙي خوشبو هڻڻ جائز ناهي جنهن ۾ زعفران مليل (يعني مڪس MIX) هجي عورت جي لاءِ (زعفران مليل خوشبو) جائز آهي جنهن احرام ٻڌو (۽ انهيءَ حالت ۾ وفات ڪري ويو) ان جي جسم تي به خوشبو لڳايو ۽ ان جو چهرو ۽ مٿو ڪفن سان لڪايو وڃي[3]. مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي "بهارِ شريعت" جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو

---

[1] مسند فردوس،جلد:1 ،صفحہ:98 ،حديث:317۔

[2] ترمذی،کتاب الجنائز،باب ما يستحب من الاکفان،صفحہ:261حديث:994۔

[3] 550 سنتيں اور آداب ،صفحہ:77 و80 ملتقطاً۔

91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| ہے طلب دید کی،دید کی عید کی | کیا عجب وہ دِکھیں، قافلے میں چلو |
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم